# سنڌ آرڊيننس نمبر V مجريہ 1986

# SINDH ORDINANCE NO.V OF 1986

# سنڌ ملازمن لاءِ خصوصي الائونس (ادائگي) آرڊيننس، 1986

# THE SINDH EMPLOYEES SPECIAL ALLOWANCE (PAYMENT) ORDINANCE, 1986

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. وصفون
Definitions

3. خصوصي الائونس
Special Allowance

4. خصوصي الائونس جي ادائگي جي ذميداري
Responsibility of payment of Special Allowance

5. خصوصي الائونس جي ادائگي لاءِ وقت
Time for payment of special allowance

6. اوڳاڙي لاءِ دعوائون، يا خصوصي الائونس جي ادائگي ۾ دير
Claims for recovery, or delay in payment of special allowance

7. خصوصي الائونس ڏهاڙيءَ جو حصي نہ هوندو
Special Allowance not to from part of wages

8. ڏنڊ

Penalty

9. ڏوهه تي سماعت جو اختيار

Cognizance of offences

# سنڌ آرڊيننس نمبر V مجريه 1986
# SINDH ORDINANCE NO.V OF 1986
# سنڌ ملازمن لاءِ خصوصي الائونس (ادائگي) آرڊيننس، 1986
# THE SINDH EMPLOYEES SPECIAL ALLOWANCE (PAYMENT) ORDINANCE, 1986

[12 آڪٽوبر، 1986]

آرڊيننس جنهن ذريعي ملازمن جي خصوصي الائونس جي ادائگي ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته ملازمن ڪي خصوصي الائونس ۽ لاڳاپيل معاملن ۾ ادائگي ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نه آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي.

هاڻي، هن ڪري اسلامي جمهوريه پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1)جي تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس نافذ ڪرڻ فرمايو آهي.

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ ملازمن لاءِ خصوصي الائونس (ادائگي) آرڊيننس، 1986 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو ۽ پهرين جولاءِ 1986 کان لاڳو سمجهيو ويندو.

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. آرڊيننس ۾ جيستائين ڪجهه مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نہ هجي، تيستائين:

وصفون
Definitions

(a) "ملازم" مطلب ڪو ملازمت تي رکيل ماڻهو، پوءِ اهو سڌي ريت يا ڪنهن ٻئي شخص طرفان ڏهاڙي لاءِ، ڪو هنري يا غير هنري، انٽيليڪچوئل، ٽيڪنيڪل، ڪلريڪل، هٿرادو يا ٻيو ڪو ڪم ڪرڻ لاءِ، يا ان سان لاڳاپيل معاملن ۾، يا هلائڻ لاءِ، ملازمت جي ڪنهن لکت ۾ هجي يا زباني، بيان ڪيل يا لاڳو ڪيل معاهدي تحت يا سيکڙاٽ شاگرد طور، ۽ جنهن ۾ شامل آهي اهڙو شخص جيڪو ملازمت ڇڏي ڏئي؛

(b) "ملازمت ڏيندڙ" جو مطلب آهي جنهن سان معاهدو ڪيو وڃي، مطلب ڪو شخص جيڪو ملازمت تي رکي، سڌيءَ ريت يا ڪنهن ٻئي شخص جي ذريعي، پنهنجي طرفان يا ڪنهن ٻئي شخص جي طرفان، ڪو ملازم، ۽ جنهن ۾ شامل آهي:

(i) ماڻهن جي تنظيم، پوءِ اها انڪارپوريٽيڊ هجي يا نہ؛

(ii) شخص جنهن کي ڪم سان لاڳاپيل معاملن تي ضابطو هجي، جنهن ۾ شامل آهي ڪم جو مالڪ يا جتي ڪنهن ڪم جا معاملا ڪنهن ٻئي شخص سان لاڳاپيل آهن (پوءِ اهو مينيجنگ ايجنٽ سڏجي، ڊائريڪٽر، مئنيجر، ايجنٽ،

سپرنٽينڊنٽ، سيڪريٽري، مالڪ جو نمائندو يا ٻيو ڪو نالو)، اهڙو ٻيو ڪو شخص، يا ٻئي ڪنهن معاملي ۾، ڪو شخص جيڪو هڪ ملازم يا ان جي ڏهاڙي جي ادائگي جي سلسلي ۾ نظرداري ۽ ضابطي لاءِ مالڪ کي جوابده هجي؛ ۽

(iii) وارث، جانشين، منتظم جنهن کي شخص يا ماڻهن جي تنظيم طرفان اهو ڪم ڏنو ويجي، جيئن معاملو هجي؛

(c) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(d) "خصوصي الائونس" مطلب هن آرڊيننس جي گنجائشن موجب واجب الادا رقم؛

(e) "تحريري ضمانت" مطلب:

(i) ڪا اسٽيبلشمينٽ جنهن تي اولهہ پاڪستان شاپس اينڊ اسٽيبلشمينٽ آرڊيننس، 1969 وقتي طور لاڳو ٿيندو هجي، ۽ جيستائين هن آرڊيننس جي دفعہ 5 جي متضاد نہ هجي، جنهن ۾ شامل آهن ڪلبس، هوٽل ۽ ميسز جيڪي فائدي ۽ ڪجهہ حاصل ڪرڻ لاءِ ناهن هلايا ويندا ۽ جيڪي علاج لاءِ قائم ڪيا ويندا آهن يا بيمارن، معذورن، محتاجن يا ذهني طور بيمار ماڻهن جي سنڀال لاءِ هوندا آهن؛

(ii) تعميراتي انڊسٽري جنهن تي اولهہ پاڪستان انڊسٽريل اينڊ ڪمرشل امپلائمينٽ (اسٽينڊنگ آرڊرس) آرڊيننس، 1968 وقتي طور لاڳو ٿيندو؛

(iii) ڪا فيڪٽري جيئن فيڪٽريز ايڪٽ، 1934 ۾ بيان ڪيو ويو آهي؛

(iv) ڪا کاڻ جيئن کاڻون ايڪٽ، 1923 ۾ بيان ڪيو ويو آهي؛

(v) ڪا روڊ ٽرانسپورٽ سروس جيئن روڊ ٽرانسپورٽ

ورڪرس آرڊيننس، 1961 ۾ بيان ڪيو ويو آهي؛ ۽

(vi) ڪا نيوز پيپر اسٽيبلشمينٽ جيئن نيوز پيپرز ايمپلائيز (خدمت جون شرطون) ايڪٽ، 1973 ۾ بيان ڪيو ويو آهي؛ ۽

بشرطيڪ اسٽيبلشمينٽس جو ڪو ڪلاس جيڪو حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي، هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ اعلان ڪري سگهي ٿي.

(f) "ڏهاڙي" مطلب خدمتن جو معاوضو، جيڪوو هڪ ملازم کي روڪ ۾ واجب الادا هجي، بنا ڪنهن ڪٽوتي جي مقصد جي، ملازمت يا سيڪڙاٽ شاگرد جي معاهدي تحت، لکت، زباني، بياني يا لاڳيو ڪيل ۽ جنهن ۾ شامل آهي ڪو مهانگائي الائونس يا رهڻي ڪهڻي جي قيمت جي سلسلي ۾ ٻيو ڪو واڌارو وقتي طور لاڳو ڪنهن قانون تحت، پر جنهن ۾ شامل نہ هوندو:

(i) اضافي وقت لاءِ ڪا ادائگي؛ يا

(ii) ڪا رقم جيڪا هڪ ملازم کي سندس ملازمت کان علاوه خصوصي خرچن جي سلسلي ۾ ادا ڪئي وڃي؛ جنهن جو هو حقدار هجي، يا

(iii) پروويڊنٽ فنڊ جو حصو، يا

(iv) نوڪري ڇڏڻ تي واجب الادا معاوضو (Gratuity)؛ يا

(v) ڪا رقم جيڪا بونس طور ڏني وڃي.

خصوصي الائونس Special Allowance

3. ڪو بہ ملازم جنهن جي پگهار هڪ هزار رپين کان وڌيڪ نہ هجي، ان جي ملازمت جي سلسلي ۾ يا پهرين جولاءِ 1976 کانپوءِ نوڪري ڏيندڙ طرفان ڪيس "خصوصي الائونس" ادا ڪيو ويندو. 1["۽ اضافي خصوصي الائونس"]:

| | |
|---|---|
| | (a) اهو پنجاهہ رپيا هر مهيني لاءِ هوندو، جيڪڏهن سندس ڏهاڙي هڪ هزار رپين کان وڌيڪ نہ هجي؛ يا<br>(b) انهيءَ حساب سان تہ سندس ڏهاڙي سان گڏ، هڪ هزار رپيا ماهوار ٿيندا، جيڪڏهن سندس ڏهاڙي نئون سئو پنجاهہ رپين کان وڌيڪ آهي. |
| خصوصي الائونس جي ادائگي جي ذميداري<br>Responsibility of payment of Special Allowance | 4. هر نوڪري ڏيندڙ هن آرڊيننس تحت گهربل خصوصي الائونس جي ادائگي جو ذميدار هوندو. |
| خصوصي الائونس جي ادائگي لاءِ وقت<br>Time for payment of special allowance | 5. تحريري ضمانت جي روشني ۾ ڪنهن ڪسٽم، استعمال، روايت يا لاڳو قانون جي سلسلي ۾خصوصي الائونس ڏهاڙي سان گڏ ادا ڪيو ويندو. |

6. جتي هن آرڊيننس جي گنجائشن سان تڪرار ۾ هجي، ڪنهن ملازم جو خصوصي الائونس روڪيو وڃي يا دير ڪئي وڃي، اهڙو ملازم پاڻ يا ڪنهن ٻئي شخص جي ذريعي درخواست ڪري سگهي ٿو:

اوڳاڙي لاءِ دعوائون، يا خصوصي الائونس جي ادائگي ۾ دير
Claims for recovery, or delay in payment of special allowance

a. انهيءَ صورت ۾ جڏهن ڪنهن اسٽيبلشمينٽ تي ويسٽ پاڪستان شاپس ائنڊ اسٽيبلشمينٽ آرڊيننس، مجريه 1969، وقتي طور تي انهيءَ اٿارٽيءَ تي لاڳو ٿئي ٿو جيڪا دفعه 12 جي ذيلي دفعه (1) هيٺ مقرر ڪئي وئي آهي ۽ ان کي دفعات 11، 13، 21، 23، 30 ۽ 32 جي گنجائش مطابق دائره اختيار مليل آهي. حالتن مطابق ضروري ڦير گهير سان اسپيشل الائونس جي اوڳاڙي وارن مقصدن لاءِ لاڳو ڪري سگهجن ٿيون. ۽

b. پيمينٽ آف ويجز ايڪٽ، 1936 جي ڪنهن ٻيءَ صورت ۾، دفعه 15 جي ذيلي دفعه 15 جي ذيلي دفعه (1) هيٺ مقرر ڪيل اٿارٽي، جنهن کي انهيءَ دفعه ۽ ان ايڪٽ جي دفعات 6، 16، 17، 18، 19، 22، 23 ۽ 26 مطابق ضروري ڦير گهير سان اسپيشل الائونس جي اوڳاڙي وارن مقصدن لاءِ لاڳو ڪري سگهجي ٿو.

7. جيستائين ڪجهه هن آرڊيننس يا وقتي طور تي لاڳو ڪنهن قانون جي متضاد نه هجي، تيستائين خصوصي الائونس هڪ پورهيت جي ڏهاڙي جو حصو نه هوندو. ڪنهن ٻئي قانون جي مقصدن لاءِ، جنهن ۾ شامل آهي پروويڊنٽ فنڊ، گريجوئٽي، بونس ۽ اوورٽائيم ڪم لاءِ ڏهاڙي جي ڪاٽي ۾

خصوصي الائونس ويجز جي حصي مان نه هوندو
Special Allowance not

| | |
|---|---|
| to from part of wages | حصو. |
| ڏنڊ Penalty | 8. ڪو بہ نوڪري ڏيندڙ جيڪو آرڊيننس جي گنجائشن جي ڀڃڪڙي ڪري ٿو ان کي قيد جي سزا ڏني ويندي جيڪا ڇهہ مهينن کان وڌي سگهي ٿي، يا ڏنڊ جيڪو هڪ هزار رپين کان وڌيڪ سگهي ٿو يا ٻئي گڏ. |
| ڏوهہ تي سماعت جو اختيار Cognizance of offences | 9. ڪنهن بہ عدالت کي هن آرڊيننس تحت ڪيل ڪنهن ڏوهہ تي ڪارروائي جو اختيار نہ هوندو جيستائين متاثر ملازم يا رجسٽرڊ ٽريڊ يونين جي عملدار جنهن ۾ اهو ملازم ميمبر آهي، ان طرفان شڪايت نہ ڪئي وڃي، يا ان سلسلي ۾ حڪومت طرفان بااختيار بڻايل ڪنهن شخص طرفان شڪايت نہ ڪئي وڃي.[1] |

**نوٽ:۔ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**

[1] . ڄاڻايل آرڊيننس کي 1986 جي سنڌ ايڪٽ نمبر X ذريعي منسوخ ڪيو ويو آهي.